# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1982
# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1982
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE SIND LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 3 ۾ ترميم
Amendment of Section 3 of Sind Ordinance XII of 1979

3. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 6 ۾ ترميم
Amendment of Section 6 of Sind Ordinance XII of 1979

4. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 10 ۾ ترميم
Amendment of Section 10 of Sind Ordinance XII of 1979

5. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 14 ۾ ترميم
Amendment of Section 14 of Sind Ordinance XII of 1979

6. سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1979 جي دفعه 15 جي نيڪالي
Omission of Section of 15 of Sind Ordinance XII of 1979

7. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 21 ۾ ترميم
Amendment of Section 21 of Sind Ordinance XII of 1979

8. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 26 ۾ ترميم

Amendment of Section 26 of Sind Ordinance XII of 1979

9. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 40 ۾ ترميم

Amendment of Section 40 of Sind Ordinance XII of 1979

10. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 50 ۾ ترميم

Amendment of Section 50 of Sind Ordinance XII of 1979

11. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 68 ۾ ترميم

Amendment of Section 68 of Sind Ordinance XII of 1979

12. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 89 ۾ ترميم

Amendment of Section 89 of Sind Ordinance XII of 1979

13. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 90 ۾ ترميم

Amendment of Section 90 of Sind Ordinance XII of 1979

14. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 91 ۾ ترميم

Amendment of Section 91 of Sind Ordinance XII of 1979

15. سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 102_F ۾ ترميم

Amendment of Section 102_F of Sind Ordinance XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1982
# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1982
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئين ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE SIND LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[23 سيپٽمبر 1981]

آرڊيننس، جنهن سان سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 کي بدلائڻ ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي هن ريت جوڙيو ويندو؛

هاڻي ان ڪري 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي پوئواري ڪندي سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هي آرڊيننس جوڙي نافذ ڪري رهيو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1982 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 3 ۾ ترميم Amendment of Section 3 of Sind Ordinance XII of 1979

2. سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1979 جي دفعه 3 ۾ ترميم

سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس مجريه 1979، جنهن کي هن کانپوءِ به آرڊيننس چيو ويندو، ان دفعه 3 ۾:-

(i) شق (9) ۾ ڪتب آندل لفظن "يا چيف آفيسر" ڪامائن ۽ لفظن سميت "چيف آفيسر، ٽائون آفيسر يا سيڪريٽري" سان بدلايو ويندو.

(ii) شق (15) ۾ ڏنل ڪاما ۽ لفظ "تعلقه ڪائونسل" ڪڍيا

ويندا.

(iii) شق (20) ۾ ڪتب آندل لفظ ۽ ، "ڊويزنل ڪوآرڊينشن ڪاميٽي" کي ڪاما ۽ لفظن "ڊويزنل ڪوآرڊينشن ڪاميٽي" ۽ "تعلقہ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي" سان بدلايو ويندو.

(iv) شق (63) ۾ ڪم آندل لفظن "تعلقہ ڪائونسل يا" کي ڪڍيو ويندو.

(v) شق (68) کي ڪڍيو ويندو.

(vi) شق (79) ۾ ڪم آندل لفظن "ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يا" کي لفظن ۽ ڪامائن سان "يونين ڪائونسل، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، ٽائون ڪميٽي يا" سان بدلايو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1979 جي دفعہ 6 ۾ ترميم
Amendment of Section 6 of Sind Ordinance XII of 1979

3. هن آرڊيننس جي دفعہ 6 ۾ ڪم آندل لفظ ۽ ڪاما "تعلقہ" ڪڍيا ويندا.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1979 جي دفعہ 10 ۾ ترميم
Amendment of Section 10 of Sind Ordinance XII of 1979

4. هن آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾:-

(i) ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) جي ذيلي شق (ii) کي ڪڍيو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾ ڪم آندل لفظن "يا تعلقہ ڪائونسل" کي ڪڍيو ويندو.

(iii) ذيلي دفعہ (2) ۾ هي لفظ ملايا ويندا:-

"(2-A) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (2) مطابق ڪو ٿاقيل ميمبر:"

(a) اختيار جي غلط استعمال يا غلط رويي يا آرڊيننس جي ڀڃڪڙي ڪرڻ، قاعدن ۽ قانونن جي خلاف

ورزي ڪرڻ جو ڏوهي ٺهيو آهي، پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جي ڏنل موقعي کانپوءِ ڪائونسل طرفان هٽايو ويو آهي؛ يا

(b) پنچائت جي ٽن لڳاتار گڏجاڻين ۾ ڪنهن جائز عذر کانسواءِ غير حاضر رهيو آهي، ته پنچائت جو ميمبر نه ٿي سگهندو.“

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 14 ۾ ترميم

Amendment of Section 14 of Sind Ordinance XII of 1979

5. هن آرڊيننس جي دفعه 14 جي ذيلي دفعه (1) جي لفظن ”تعلقي ڪائونسل کانسواءِ“ کي ڪڍيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1979 جي دفعه 15 جي نيڪالي

Omission of Section of 15 of Sind Ordinance XII of 1979

6. هن آرڊيننس مان، ان جو دفعه 15 ڪڍيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 21 ۾ ترميم

Amendment of Section 21 of Sind Ordinance XII of 1979

7. هن آرڊيننس جي دفعه 21 جي ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺيون متبادل ٿيندو:-

”(1) ڪو به ميمبر چيف ايگزيڪيوٽو کي لکت ۾ درخواست ڏئي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ پوءِ هن جي سيٽ خالي ٿي پوندي.“

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 26 ۾ ترميم

8. هن آرڊيننس جي دفعه 26 جي ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺيون متبادل ٿيندو:-

”(1) ڪو به ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين يا وائيس

Amendment of Section 26 of Sind Ordinance XII of 1979

چيئرمين، چيف ايگزيڪيوٽو کي لکت ۾ درخواست ڏئي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو ۽ پوءِ هن جي سيٽ خالي ٿي پوندي.“

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 40 ۾ ترميم
Amendment of Section 40 of Sind Ordinance XII of 1979

9. هن آرڊيننس جي دفعه 40 جي ذيلي دفعه (2) ۽ (3) کي ڪڍيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 50 ۾ ترميم
Amendment of Section 50 of Sind Ordinance XII of 1979

10. هن آرڊيننس جي دفعه 50 جي ذيلي دفعه (1) مان لفظن ”تعلقه ڪائونسل“ کي ڪڍيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 68 ۾ ترميم
Amendment of Section 68 of Sind Ordinance XII of 1979

11. هن آرڊيننس جي دفعه 68 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (e) کي ڪڍيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 89 ۾ ترميم
Amendment of Section 89 of Sind Ordinance XII of

12. هن آرڊيننس جي دفعه 89 لاءِ هي متبادل ٿيندو.

”89. (1) سرڪار ترتيبوار ڊويزنل ضلعي يا تعلقي ۾ ڊويزنل، ڊسٽرڪٽ يا تعلقه ڪاميٽي جوڙي سگهي ٿي.“

(2) ڊويزنل، ڊسٽرڪٽ يا تعلقه ڪائونسل ڊويزن يا تعلقي جي ٻهراڙي ۽ شهري علائقن مان ايترن ميمبرن تي مشتمل

هوندي، جن جو تعداد سرڪار مقرر ڪندي. | 1979

(3) ڊويزنل ، ڊسٽرڪٽ ۽ تعلقه ڪوآرڊينيشن ڪائونسل جا چيئرمين، وائيس چيئرمين ۽ ميمبر طئي ٿيل طريقي موجب چونڊيا يا مقرر ڪيا ويندا.

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 90 ۾ ترميم
Amendment of Section 90 of Sind Ordinance XII of 1979

13. هن آرڊيننس جي دفعه 90 لاءِ هيٺيون متبادل ٿيندو:-

"90. ڊويزن، ڊسٽرڪٽ يا تعلقه ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي ڊويزن، ڊسٽرڪٽ يا تعلقي ۾ قومي تعمير وارن کاتن جي سرگرمين ۾ تعاون پيدا ڪندي، يا جيئن به هجي، اهڙا ڪم ڪندي."

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 91 ۾ ترميم
Amendment of Section 91 of Sind Ordinance XII of 1979

14. هن آرڊيننس جي دفعه 91 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (a) لاءِ هيٺيون متبادل هوندو:-

"(a) تعلقه ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي ڏانهن ، جيڪڏهن لاڳاپيل ڌريون ساڳي تعلقن مان آهن؛

(aa) ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي ڏانهن، جيڪڏهن ڌريون ضلعي جي مختلف تعلقن مان آهن."

سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1979 جي دفعه 102_F ۾ ترميم
Amendment of Section 102_F of Sind Ordinance XII of 1979

15. هن آرڊيننس جي دفعه 102_F ۾ فل اسٽاپ کان اڳ لفظ "يا پنجاهه روپين کان گهٽ" وڌايا ويندا.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**